ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41

ماخذ تحقیقی مجلہ

OPEN ACCESS

CC BY NC

ڊاڪٽر ذوالفقارعلي جلباڻي
ايسوسئيٽ پروفيسر گورنمينٽ (بوائز)، ڊگري ڪاليج محرابپور،
ضلعو نوشهرو فيروز، سنڌ ۔

# لغت نويسيءَ جو فن ۽ ان جي مختصر تاريخ جو جائزو

**Dr. Zulfiqar Ali Jalbani***
Associate Professor, Govt (Boys) Degree College Mehrabpur,
District NausheroFeroze, Sindh.
***Corresponding Author:**

# The Study of Short History of an Art of Lexicography

Lexicography got breakthrough in the age of English/ British. It is the matter to draw attention to word a point that for the development of any language, the lexicography plays a vital role. In our Sindhi language great attention has been paid to fullness and helpfulness of the definitions, which are written clear, modern no technical language, where over possible Information required for, complete understanding of the defined words has been included in the definitions itself. The grammatical cases morphemes, phoneme, syntax, parsing, idioms, definitions, parenthesis are used in our all the dictionaries are lexically the best and proved authenticity. The chief aim of my treatise is to draw attention to words a new and advanced lexicographer that should compile the dictionaries which may quench the thirst of new word hunter. There should be no need for the user to jump from place to place in the dictionary. In search of full explanation In a book that should be both easy to handle easy to read, with coverage of, colloquial and formal language, old words and new, every day vocabulary and specialist terminology of science and technology by accumulated expertise.

(1) Words belong to more than one part, of speech.
(2) Words that have more than one meaning.
(3) Words that have more than one form.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41

(4) Abbreviations, Idioms, symbols and the grammatical lables should be used. That one may fulfill all aspects of his/ her requirement.

**Key Words:** *Dictionary, Encyclopedia, Semantic, Phonetic, Syntax, Morphology, etc.*

**تحقيق جو مقصد**: ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج جو اهم سبب لغتون ئي هونديون آهن، جنهن زبان ۾ لغتن جو وافر مقدار موجود هوندوآهي، اهي ئي زبانون پنهنجي ٻوليءَ جي بقا جي ضمانت ڏينديون آهن. سنڌي زبان ۾ ڪيتريون لغتون ترتيب ڏنيون ويون آهن انهن لغتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌي زبان پنهنجي وسيع پکيڙ رکي ٿيءِ هر قسم جي علم ۽ هنر جي لفظن جو ذخيرو هن زبان ۾ موجود آهي. هن زبان جي علمي وسعت جواندازو سنڌي زبان جي لغتن مان لڳائي سگهجي ٿوتہ، اهي ترتيب ڏنل لغتون سنڌي ٻوليءَ جي ضمانت ڏين ٿيون. لغتن مان اها بہ گواهي ملندي آهي تہ جن زبانن ۾ لغتون موجود آهن انهن جي ٻوليءَ کي ڪوبہ لهر لوڏو نہ ايندو آهي، چوتہ لغتن جي ترتيب ۽ تحقيق مان اها ڳالهہ نظر ايندي آهي تہ ٻوليءَ جي خزاني ۾ ڪيترو زنبيل آهي ۽ ڪيتري ڪوٽ آهي.اهڙيءَ طرح سنڌي زبان جي لغتن ۾ لفظ، اشتقاق، پهاڪا، محاورا، اصطلاح، انوکا انوکا اظهار ٿيل آهن ۽ لطيف نڪتا ۽ انهن جون معنائون شامل ڪيل آهن. دنيا ۾ لغتون انهن سمورن علمي فڪرن جي دعوت ڏينديون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي لغتن جي اڀياس مان اهو معلوم ٿئي ٿوتہ، سنڌي زبان ۾ لغت نويسي جو فن ايڏو قديم ۽ ايڏو جديد بہ ڪونہ آهي. هت ڪجهہ نڪتا بيان ڪجن ٿا تہ سنڌي زبان جي لغت نويسي جي فن بابت هيٺ ڏنل نڪتہ غور هيٺ رکي سگهجن ٿا.

لغت ڇا آهي ٢. لغت نويسي جا ڪهڙا اصول ۽ پيمانا آهن ٣. لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ روايت ۴. لغت لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن ۵. لغت جي فن جي اهميت ۽ افاديت ٦. لغت نويسيءَ جا اصول ڪهڙا آهن.٧. سنڌي زبان ۾ لغت نويسيءَ جي روايت ۽ لغت نويس ٨. مشهور سنڌي لغتون ۽ انهن جو تعارف ٩. سنڌي زبان جي لغتن جي لساني اهميت ١٠. لغت نويسيءَ جا قسم ١١. علم اللغات ۽ سنڌي زبان ۾ لغت سازيءَ جي روايت ١٢.

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41

لوڪ ادب ۾ لغت نويس ١٣. سنڌي لغت جي ترقيءَ ۾ علمي ادبي، سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن جو ڪردار. مٿيان اهڙا موضوع آهن جن بابت سنڌي لغتن جي تاريخ ۽ فن تي ڀرپور تحقيق پيش ڪري سگهجي ٿي

لغت ڇا آهي: علم اللغات کي انگريزيءَ ۾ Lexicology چيو ويجي ٿو. اها لسانيات جي علم جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لغت سازي اصولي توڙي عملي لغات سازيءَ لاءِ طئي ڪيل قاعدا قانون ۽ اصول سيکاريا ويندا آهن، ان علم سان لسانيات جا ٻئي ٻيا علم پڻ تربيت جو حصو ٿيندا آهن.

لغت جا اصول ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي تہ: (١) "Semantics" يا معنويات ذريعي لفظن جون معنائون، لغوي توڙي اصطلاحي معنيٰ حاصل ڪرڻ لاءِ علامتن ( Symbols) کي سمجهڻ ۽ انهن جي وصف ڪرڻ جو عمل ٿيندو آهي .

(٢) "Etymology" يا علم اشتقاق ۽ لفظن جي بڻ بنياد ۽ ارتقا جي ڄاڻ بہ هڪ حد تائين ان سکيا ۾ ضروري آهي.

(٣) "Phonology" يا علم صوتيات ذريعي لغت جي لفظن جي آوازن ۽ اچارن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي.

(٤) " Morphology" يا علم صرفيات جي ڄاڻ ذريعي لفظن جي جوڙجڪ ۽ ساخت سمجهڻ لاءِ ضروري هوندي آهي

(٥) "syntax" علم نحويات يا گرامر جي ڄاڻ ذريعي لفظن جي ويا ڪرڻي حيثيت طئي ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي

(٦) "Orthography" لکت، الفابيٽ ۽ صورتخطيءَ جا مسئلا هن علم ذريعي حاصل ڪري سگهبا ۽ لفظن جي خارجي ۽ داخلي ترتيب کي الف_بي وار ڪرڻ پڻ هن علم ذريعي آسان ٿئي ٿو. انهن سمورن علمن جي گڏيل اڀياس سان علم لغات جو ڪم جهڙوڪر لغت سازيءَ جي عملي تربيت ڏيڻ ٿئي ٿو." (١) "لفظ ڊڪشنري، لاطيني ٻوليءَ جي لفظ Dictionariousءَ Dictionariumمان نڪتل آهي، لاطينيءَ ۾ "Dictio" معنيٰ Saying (چوڻي)، اهو لفظ خاص ڪري اهڙي ڪتاب لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ لفظ الفابيٽ جي ترتيب سان ڏنل هجن. سڀ کان پهريائين ٣ (ٽئين) صدي قبل مسيح ۾ اپولونيس (Apollonious) جي پاران هومر جي لفظن جي معنائن جي ڏسٽي

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41
ماخذ تحقیقی مجلہ

(Lexicon) ناهي وئي هئي. ١٥٣٢ع ۾ رابر ايستين ۾ سندس پٽ لاطيني ڊڪشنريون ناهيون. ان کانپوءِ اهو سلسلو يونان ۾ هلي پيو، ۽ ڏنو وڃي ته دنيا جي اڪثر ٻولين جون ڊڪشنريون ٺهيون.١٨ عيسوي صديءَ ۾اطالوي (2١٦١ع) فرينچ ١٦٩۴ع، اسپيني ٣٩_١٨٢٦ع ٻولين جون ڊڪشنريون شامل آهن. انهيءَ صديءَ ۾ انگريزيءَ ۾ سڀ کان اهم ڪم هو جانسن پاران ١٨٥٥ع ۾ ناهيل تفصيلي ۽ ضخيم ڊڪشنري، جنهن کان اڳ ۾ ناٿن بيليءَ نالي ماڻهوءَ به هڪ ننيڙي ڊڪشنري ١٨٢١ع ۾ ناهي هئي، پر جانسن واري ڊڪشنري معنائن ۽ سمجهاڻين ۾ سندس راءِ شامل هئڻ ڪري اهميت رکي ٿي، ان کان پوءِ وري ١٨٥۴ع ڏاري وليم گرم جرمني ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪم شروع ڪيو. ١٩٢٨_ ١٨٨۴ع واري دؤر ۾ انگريزي ٻوليءَ جي لاءِ هڪ تمام اهم ڪم ٿيو، جيڪو انگريزي ڊڪشنري جي تاريخ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيو.
New English Dictionary on.Historical Principles.نالي سان اها ڊڪشنري، سرجيمس مري، ڊاڪٽر هينري برئڊلي ۽ ٻين ناهي هئي، ان کانسواءِ ويبسٽر (Webster) آمريڪن ڊڪشنري(١٨٢٨ع) سان آمريڪا ۾ اهو سلسلو هليو. ١٩٦٨ع ۾ پهريون پيرو آڪسفورڊ ڊڪشنري سي ٽي اينن ( Onion ) جي ترتيب ڏنل وڏي اهتمام سان ڇاپي پڌري ڪئي وئي، ان کانپوءِ ڪيمبرج ڊڪشنري آئي ۽ هن وقت تائين انهن ٻنهي ڊڪشنرين جا ڇاپا اچي چڪا آهن. ويهينءَ صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ڇپيل ڊڪشنرين ۾ هرهڪ لفظ جي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ معنيٰ ۽ ان جي اشتقاق، بڻ بنياد، ويا ڪرڻي حيثيت بابت معلومات ڏيڻ جو رواج پيو.اهو ئي طريقو هاڻي دنيا جي ٻولين جي اڪثر ڊڪشنرين ۾ اختيار ڪيو ويندو آهي.

جيئن ته مٿي اها ڳالهه ڪري چڪا آهيون ته، ڊڪشنري يا لغت هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ الفابيٽ (سنڌي الف_ب يا انگريزي ABC يا ڪنهن به ٻوليءَ جي اهڙن اکرن جي ترتيب سان لفظن جون معنائون ڏنيون آهن. اهڙيون لغتون ٻن قسمن جون ٿينديون آهن.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41



۱.	هڪ ٻوليائي

۲.	ٻوليائي، ٻهرين قسم جي لغتن ۾ ڪنهن ٻه هڪ ٻوليءَ جا سمورا يا صرف ڪيا لفظ ڏئي انهن جي معنيٰ يا متبادل لفظ ساڳي ٻوليءَ ۾ ڏنا آهن.” (۲)

“لغات اهو بنيادي، حوالن لاءِ تيار ڪيل ڪتاب يا مواد آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻه ٻوليءَ ۾ مروج/ رائج لفظن کي الف_ب وار گڏ ڪري انهن لفظن جي اچارن، تلفظ، لفظن جي لکڻ لاءِ هِجي (Spelling ) انهن لفظن جي معنائن، مفهوم، سمجهاڻي، ذاتن، بنيادي صورتن، صيغن ۽ اشتقاقن ڪانسواءِ جملن، فقرن، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين، شعرو شاعريءَ کان سواءِ انهن جي خطي وار استعمال، مفهوم ۽ ڪارج سمجهايل هجي.” (۳) “ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي _انگريزي ڊڪشنري، جيڪا بمبئي سرڪار ۱۸۸۵ع ۾ ڇپرائي هئي، ان ۾ ديوناگري سنڌي لپي هئي جيڪا هاڻ ۲۰۱۱ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ديوناگريءَ سان گڏ عربي لپيءَ ۾ ڇپائي آهي، ان کي ۱۸۶۹ع ۾ جارج شرٽ، مرزا صادق علي بيگ ۽ اڌارام ٿانورداس سامهونرڪي، عربي لپيءَ ۾پنهنجي ڊڪشنري ڇپرائي (ڪراچيءَ مان) ان ۾ هجئين جي مسئلي ڏانهن مرتبن جو ڌيان هو، جن لکيو هو ته: “اسين گهرون ٿا ته هن ڊڪشنريءَ ۾ ڪيترن سنڌي لفظن جون جدا جدا هجيئون ڏنيون ويون آهن، چاهي اهي هجيئن جا فرق گهٽا نظر ايندا هجن، پر هن وقت انهن کي ڊڪشنريءَ مان هٽائي ڇڏڻ ممڪن نٿو لڳي، ڇاڪاڻ ته گهڻن ئي لفظن جا اهڙا علحده علحده اچار نه فقط ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ٻڌڻ ۾ اچن، پر اهي سڀ لکيل ٻوليءَ ۾ داخل ٿي چڪا آهن، ممڪن آهي ته لفظن جون اهي سڀ مختلف صورتون لکاوٽ ۾ پنهنجو وجود رکي نه سگهن، انهن مختلف هجئين مان ڪن جو استعمال لکاوٽ مان جيترو جلدئي ڪيي ڇڏجي اوترو بهتر ٿيندو، پر هن وقت اسين انومان ڪري سگهون ٿا ته جدا جدا هجئين مان ڪهڙيون هجئين وڃي آخر ۾ قائم رهنديون، هي هڪ اهڙو سوال آهي جنهن کي ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ ۾ بحث جو موضوع بنائڻ گهرجي.” (۴)

ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41

لغت جا قسم:

Lexicography لغات جا ٻہ قسم ٿيندا آهن ١.اصولي لغت سازي(Theoretical Lexicography) ٻيو عملي لغت سازي (Practical Lexicography) پهرين قسم موجب لغت ناهڻ لاءِ لفظن، انهن جي معنائن جو عالماڻي طريقي سان تجزيو ڪرڻ، انهن ياج ((decipherment) ڪرڻ يا حيثيت جو تعين ڪرڻ، ٻڻ ٻڻياد يا ارتقا معلوم ڪرڻ ۽ لفظن جو پاڻ ۾ تعلق ڏسڻ شامل آهي. Theoretical Lexicography is scholarly discipline of analyzing and deciphering semantics, symptomatic and paradigmaticrelationship within the lexicon vocabulary

اهي اصول آهن جن تي هلي ڪوبہ لغت ساز، لغت لکڻ جو عمل يعني لغت نويسي ڪري سگهي ٿو.

علمي لغت سازي (Practical Lexicography) لغت جو خاڪو جوڙي ان کي لکڻ ۽ مرتب ڪرڻ يا سهيڙڻ بابت آهي. ان جي وصف هن ريت ٿيندي:

It is the art or craft of compiling , writing and editing dictionaries

ان ڏس ۾ جيڪي ڳالهيون خيال ۾ رکٽيون آهن ۽ جن تي لکٽو آهي هن ريت ڄاڻايل اهن.

Practical Lexicographic work involves several activities, and the compilation of well crafted dictionaries require careful consideration of all or same of the following aspects:

1.profiling the intended users ( i-e linguistic and nonlinguistic competence) and identifying their needs

2.Defining the communicative and cognitive functions of the dictionary

3.Selecting and organizing the components of the dictionary

4.Choosing the appropriate structures for presenting the data in the dictionary

5. Selecting words and affixes for systematization as entries

6. Selecting collocations, phrase and examples

7. Defining words

8. Organizing definitions

9 . Specifying pronunciations of words

10 . Labeling definitions and pronunciations for register and dialect, where appropriate

11 . Selecting equivalents in be and multilingual dictionaries

ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41

12.Translating collocations, phrases and examples in bi and multilingual dictionaries

13. Designing the best way in which users can access the data in printed and electronic dictionaries (.۵)

لغتون جيئن تہ ذار ذار قسمن تي مشتمل هونديون آهن، ان ڪري ڪن خاص قسم جي لغتن ۾ خطيوار، جاتيوار، ۽ ڏنڊيوار لفظن جو ذخيرو گڏ ڪيل هوندو آهيلغتن جا ڪيئي قسم بيان ڪيا ويا آهن، ۽ ڏنا ويا آهن، هر شاهوڪار زبان ۾ لغتن جا قسم ڪثرت ۾ ملن ٿا. سنڌي زبان بہ جيتوڻيڪ ننڍي ڪنڊ جي شاهوڪار زبانن مان هڪ آهي، پر جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ ۽ آزاد راءِ ڏني وڃي تہ، هيئن چئبوتہ، سنڌي زبان ۾ لغات جي سلسلي ۾ اجا ايترو گهڻو ڪم ڪونہ ٿيو آهي، جو هن زبان کي انگريزي، فرينچ، جپاني، بنگالي، هندي يا ٻين مشرقي يا مغربي ملڪن جي زبانن تہ ٺهيو، پر ڏکڻ ايشيا جي زبانن سان ڀيٽي سگهجي، پر تنهن هوندي بہ اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ اردو زبان سميت، پاڪستان جي ٻين زبانن جي مقابلي ۾ سنڌي زبان ۾، سرڪاري مدد نہ ملڻ جي باوجود تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي، ۽ هيءَ زبان انهن زبانن کان وڌيڪ ترقي يافتہ آهي، ۽ اڳتي آهي.

"مطالعي جي مدد سان لغتن جا جا هيٺيان ذار ذار قسم مقرر ڪري سگهجن ٿا.

**(الف) لهجي وار يا اُپڀاشا/ اُپڀاشائن تي مشتمل لُغات** :هن قسم واري لغات ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لهجي يا لهجن ۾رائج لفظن جي ذخيري کي گڏ ڪيو ويندو آهي. سنڌ ۾ هن ڏس ۾ لهجن تي ڪم گهڻو ڪونہ ٿيو آهي، پر تنهن هوندي بہ هيٺيان ڪتاب هن موضوع ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. انهن ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ذار ذار لهجن/ اُپڀاشائن ۽ روز مره واري ٻولي/ ٻولين تي مواد ملي ٿو.

۱. سنڌي ٻولي جي تاريخ ۲. ٻيلاين جا ٻول ۳. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ ۴. ريگسان (سير ريگستان) ۵. بدنصيب ٿري ٦. آفتاب ادب ۷. سير ڪوهستان ۸. لاڙ جو سير ۹. لاڙ جي ادبي ثقافتي تاريخ ۱۰. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ۱۱. ڪچين جا قول ۱۲. سبي واري علائقي ۾ ٻولين جو لساني جائزو ۱۳. لاڙ جي لغت

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41

**(ب) جاتيواربولين جي لغات:**لڳ الڳ جاگرافي يا ٻوليائي اُپباشائن کان سواءِ ڌار ڌار جاتياتي اُپباشائن تي مشتمل لفظن جو ذخيرو گڏ ڪري انهن جون لغتون ٺاهيون ويون آهن. پرسوگدواڻي صاحب هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. هن جي راءِ موجب جت، سوڍا، سما، سومرا الڳ الڳ قومون يا جاتيون آهن، جن جي جاتيوار اُپباشائن/ محاورن ۾ فرق آهي، يعني انهن جون جاتيوار اُپباشائون آهن: هرهڪ اُپباشا جي لفظن کي گڏ ڪري ڌار ڌار جاتيوارلغات ٺاهيون ويون آهن. هن ڏس ۾ ڀارت ۾ گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي: خاص ڪري ڏکڻ هندستان جي انمل يونيورسٽيءَ جي دراوڙي ٻولين واري اداري ته گهڻو ئي ڪم ڪيو آهي. سنڌ ۾ به هن قسم وارين لغتن تي تحقيق ٿي سگهي ٿي.

**مثلاً:**خواجن، جتن، ريباڙين، اوڏن، ڪولهين، ڀيلن، ميگهواڙن، باگڙين، سوڍن، سمن، سومرن، شڪارين، مهاڻن ۽ شيدين وغيره جي ماحول ۾ رائج لفظن جون لغتون ٺاهي سگهجن ٿيون.

**(ت) ڌنڌي وار لفظن جون لغتون:** ڊاڪٽر گدواڻيءَ اهڙي قسم جي لغات طرف اشارو ڪيو آهي. "**جامع سنڌي لغات** " ۾ پڻ ڌار ڌار ڪرت ڪندڙن جي ڪرت لاءِ رائج لفظ شامل ڪيا ويا آهن، پر هن (جامع سنڌي لغات) لغات کي خاص ڌنڌي وار لفظن جي لغات ڪونه چئبو. سنڌي زبان ۾ هن قسم جي لغات مرحوم ڊاڪٽر محمد صالح شاهه تيار ڪئي هئي. ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڌارڌار ڌنڌن ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي ذخيري تي مشتمل لغات، ٻوليءَ جي اڀياس لاءِ اهم هوندي آهي.

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي جو حوالو ڏيندي ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر پرسو گدواڻيءَ جو خيال آهي ته:" ڌنڌي وارين اُپباشائن جو شبد_ڀندار ڪٺو ڪرڻ، انهن لفظن جو اشتقاقي اڀياس ڪرڻ ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪن لفظن جي ڄاڻ پوي." (٦)

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ڌنڌي وار ماڻهن جي جيڪا فهرست ڏني آهي، اها آهي: ڪنير ۽ مهاڻا وغيره الانا صاحب لکي ٿو ته: "هي فهرست وڏي آهي:

**مثلاً:**"هاري،ناري، اوٺار، ڌٽولي، پاڳيا، جهانگي، سانگي، واڍا، لوهار، ڪنيار، سونارا، ساٽي، سوٿهڙ، ناڻارا، رنگريز، سيلاوٽا، پيجارا، ٻورچي،

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41
ماخذ تحقیقی مجلہ

ملاح، ڪوري، ڪوڪڙي، ڪاريا، اوڏ، ڪاتير، رازا، ڪاشيگر، طبيب، وڳهامل، تيلي، سراز، موچي ۽ سوچي وغيره.“ (٧)

**(ث) ذاتو ڪوش (Etymological dictionary)** هن قسم وارين لغتن ۾ لفظن جا ذاتو، بنياد، ماده ۽ اشتقاق ڏنا ويندا آهن. هر قسم واريون لغتون، ٻولين جي تاريخي ابتدا ۽ ارتقا جي اڀياس ۾ مدد ڪن ٿيون. سنڌيءَ ۾ هن ڪيتر ۾ ئي گهٽو ڪم ٿيو آهي.

هينيان ڪوش خاص فخر ڪرڻ جي لائق آهن:

(١) جامع سنڌي لغات (٢) وئٽپتي ڪوش (٣) تحقيق لغات سنڌي (Philological Guruousities۴)انهن ڪانعلاوه شاعرن جي ڪلام جا ڪوش بہ لکيل آهن جن جا نالا الڳ الڳ ڏنا ويا آهن.

**(ج) جامع سنڌي لغات:** هن قسم واريون اهي لغتون هر لحاظ کان جامع آهن. جن ۾ لهجي وار لفظن جا مجموعا، جاتيوار اُپياشائن جا شبد، پندار، ڏنڌي وار لفظن جون لڙهيون، لفظن جا ذاتو، اُچار، ماده ۽ اشتقاق ڏنل هوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ”جامع سنڌي لغات “ هن قسم واري لغات لاءِ هڪ بهترين نمونو آهي.“ (٨)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:”هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌ جي هر ضلعي جي مکيہ پاڳن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهن لاءِ پنهنجي تَرَ جي ٻولي جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري موڪلين مثلاً: ڪاسبين، ڪنڀارن، لوهارن، ڪورين، واڍن، وڳهاملن جا الفاظ ۽ اصطلاح: جنسن جا نالا: مقامي ريتن، رسمن، جهڙوڪ: شادي، غمي، ميلن، ملاڪڙن جا اصطلاح، پرت جا نالا وغيره: اٺن، گهوڙن جا سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ ملاحن جا الفاظ ۽ اصطلاح: پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنڀارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح: ميوي جي فصلن جهڙوڪ: انب، ڪجي وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ. هن سلسلي ۾ هي احتياط پڻ رکيو ويو آهي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيہ محاورن يعني تہ لاڙ، سري، ٿر، ڪاچي، ڪاري، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن.“ (٩)

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41
ماخذ تحقیقی مجلہ

**(ح) ثقافتي قسم جي لغات**: هن قسم جي لغات ۾ ثقافت سان واسطو رکندڙ موضوعن وارا لفظ گڏ ڪيا ويندا آهن. ڌار ڌار جاتين جي ثقافت وغيره جي جھلڪ هن قسم جي لغات ۾ نظر ايندي آهي

**(خ) ٻه لساني لغات (ٻن ٻولين واري لغت)**:هن قسم واري لغات هر ٻوليءَ ۾ ملي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين هن قسم جون لغتون شايع ٿي چڪيون آهن جن ۾:(١) انگريزي _ سنڌي لغت (٢) سنڌي _ انگريزي لغت (٣) عربي _ سنڌي لغت (۴) اردو_ سنڌي لغت (۵) سنڌي اردو لغت

**(د) گھڻ لساني لغات**:هن قسم واريون لغتون ڪيترن ئي ملڪن ۾ تيار ڪيون ويون آهن. پاڪستان ۾ هن سلسلي جو ڪم پشتو اڪيڊمي ۽ اردو مرڪزي بورڊ ڇپايو هو. پشتو اڪيڊمي پنج _ لساني لغت ۽ مرڪزي اردو بورڊ " هفت _ لساني لغت " تيار ڪري ڇپائي. انهن لغتن ۾ اردو ٻوليءَ جي لفظ کي مرڪزي لفظ مقرر ڪري، ان جي سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي، بروهي ۽ انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڏني وئي آهي. اردو، سرائڪي ۽ ٻين ٻولين جي تاريخن ۾ بہ هن قسم جي عام لفظن جو اپياس پيش ڪيو ويو آهي. مثلاً: عين الحق فريد ڪوٽيءَ جو ڪتاب "اردو زبان ڪِي قديم تاريخ" ۽ ظامي صاحب جا سرائڪي ٻوليءَ تي لکيل ڪتاب وغيره .

**(ذ ۽ ر) ڪنهن شاعر جي ڪلام مان چونڊيل لفظن جي لغات**: هن قسم جو ڪم دنيا جي ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن جي سلسلي ۾ ڪيو ويو آهي. سنڌي زبان ۾ ڀٽ شاهه، سچل، سامي، شاهه ڪريم، گرهوڙي ( استاد بخاري ۽ شيخ اياز ) تي سنو ڪم ٿيل آهي:

مثال هينيان عنوان هن موضوع جي مطالعي ۾ مدد ڪن ٿا.

١. لغات لطيفي
٢. لغات قديمي
٣. ٻاروچي ٻولي
۴. غريب اللغات
۵. سامي ڏاتو ڪوش
٦. سچل لغات
٧. شيخ ايازجي ڪلام ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ

ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41



.٨ چپر ۾ چڙيون ڏکين لفظن جي معنيٰ

**(ز) کنهن ٻه ٻوليءَ ۾ علم ادب ۾ لغات:**هن قسم جون لغتون ڏار ڏار ملڪن جي ٻولين جي ادب تي ملن ٿيون. هن قسم جي لغات ۾ معياري ادب، لوڪ ادب ۽ ٻين علمي ۽ ادبي صنفن ۾ ڪم ايندڙ فني ۽ اصطلاحي لفظن جي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي. هن قسم واري لغات ۾ هيٺيان عنوان/ ڪتاب شامل ڪري سگهجن ٿا.

I سنڌ جو سينگار

II ڏهس نامو

III هنر

IV سرهاڻ

V سڳن

VIلغت ڳنان

**(س) اينسائڪلو پيڊيا:** هن قسم واري لغات جو بنياد برٽئنيڪا وڌو"نئين سوچ" رسالي ۾ هن قسم واري لغات ۾ وصف هن ريت ڏني وئي آهي." (١٠)

"انسائيڪلو پيڊيا يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: انسائيڪلو پوري پيڊيا تعليم، اصطلاحي معنيٰ علم ۽ فن جي دائري ۾ سکڻ ۽ سيکارڻ. اسان انسائڪلو پيڊيا کي حوالن واري تصنيف به چئي سگهون ٿا. ائين ڪٺي چئجي ته اهڙو ڪتاب جنهن ۾ دنيا جي سمورين شين جي پوري ڄاڻ ڏني وڃي. تهذيب وتمدن جي ابتدا کان وٺي اڄ تائين انسان پنهنجي ذات ۽ ڪائنات جي باري ۾ جيڪي ڪجھ ڄاتو ۽ حاصل ڪيو آهي، اهو سڀ ڪجھ انسائيڪلو پيڊيا ۾گڏ ڪيو ويندو آهي.

انسائيڪلوپيڊيا ۽ لغت (ڊڪشنريءَ) ۾ فرق آهي. (ڊڪشنري) ۾ لفظ جي هِجي، تلفظ ۽ معنيٰ درج هوندي آهي، پر انسائيڪلو پيڊيا ۾ انهيءَ اصل ڳالھ ڏانهن خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي. جنهن لاءِ اهو لفظ واضع هوندو آهي."(١١)

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41



**(ش) خاص موضوعن ۽ مضمونن تي مشتمل لغتون:** هن قسم جون لغتون دنيا جي هر ملڪ جي ٻوليءَ ۾ لکيون ويون آهن. سنڌيءَ ۾ ڪن موضوعن تي هن سلسلي ۾ ڪم ٿيو آهي، خاص خاص هي موضوع آهن.

علمڪيميا، فزڪس، علم ارضيات، علم رياضي، اقتصاديات، معاشرتي علوم، سوشيالاجي، جاگرافي، لسانيات، صوتيات، صوتي اچارن واري لغت، علم آثار شناسي، ٽيڪنيڪل ٽرمز واري لغت، بايولاجي، علم انسان شناسي، علم الانسان، علم طب، علم دواسازي، علم زهريات، زراعت، علم ادب، فنون لطيف، علم نجوم، علم فلڪيات، علم موسيقي، علم التعليم ۽ علم تاريخ وغيره

**(ص) انڊيڪس يا ڏسٽي:**هن قسم جون ڏسٽيون دنيا جي سيني ٻولين ۾ لکيون ويئيون آهن. سنڌ ۾ ڇپيل ڪتابن جي ڏسٽين ۾ ماڻهن، مڪانن، ماڳن، دريائن، شهرن، ڳوٺن وغيره ڪانسواءِ ڪتابن جا نالا پڻ شامل ڪيا ويندا آهن. هن موضوع تي شاهه لطيف جي ڪلام تي ڪم ٿي رهيو آهي. ان ڪانسواءِ Concordance به هن موضوع ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.

**(ض) گلاسري يا فرهنگ:**هي به هڪ بين الاقوامي موضوع آهي. ڪن ڪن ڪتابن ۾ اهڙا فني اصلاحات ڏنا ويندا آهن جن جي سمجهاڻي جي ضرورت هوندي آهي. اهڙا فني لفظ ۽ اصلاحات، گلاسريءَ جي عنوان هيٺ گڏ ڪيا ويندا آهن ۽ انهن جي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي

**(ط) دفتري ٻوليءَ تي لغتون:**سرڪاري طور آفيسن، ڪورٽن ۽ حڪومت جي ڪم ڪارلاءِ جيڪا ٻولي منظور ڪئي ويندي آهي. ان کي دفتري ٻولي چئبو آهي. سنڌ ۾ انگريزن جي دؤر ۾ سنڌ صوبي ۾ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي به سرڪاري دفتري ٻوليءَ طور قبول ڪيو ويو. پاڪستان ۾، سنڌ اسيمبليءَ ۱۹۷۲ع ۾"**سنڌي لئنگويج ائڪٽ**" پاس ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي اهو درجو عطا ڪيو. حالانڪ سنڌي سرڪاري زبان طور انگريزن جي زماني کان به اڳ رائج هئي. تازو نومبر ۱۹۹۰ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ وارو بل ترميم سان منظور ڪيو آهي. انگريزن جي دؤر ۾ دفتري ۽ سرڪاري ڪاروبار لاءِ هر قسم جو مواد سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپيو ويو، پر جيئن ته ان ساري مواد جي هن مقدمي ۾ فهرست ڏيڻ، موضوع کان ٻاهر ٿيندو، تنهن ڪري هت

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41
ماخذ تحقیقی مجلہ

صرف دفتري ڪم ڪار لاءِ تيار ڪيل لغوي مواد جي نشاندهي ڪبي. انگريزن جي دؤر ۾ ۽ پوءِ پاڪستاني دؤر ۾ هيٺيون مواد شايع ٿيو.

(١) سنڌ گزيٽيئرس ۾ دفتري ڪاروبار لاءِ انگريزي لفظن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ انهن جي فهرست

(٢) انگريزي__ سنڌي لغت

**(ظ) ڪرانالاجيڪل لغات**:هن قسم جي لغات جي ٻوليءَ جي رائج لفظن سان ڪو واسطو ڪونهي. هن قسم جي لغات ۾ ملڪ جي تاريخ، ثقافت ۽ تاريخي مواد، تاريخ وار ۽ سال وار درج ڪيو ويندو آهي.

**(ع) پنهنجي ماحول ۾ رائج روزمره وارن لفظن جي لغات**: هن قسم جي لغات ۾ ڪي ليکڪ، اديب، عالم ۽ شاعر پنهنجي چوڌاري پنهنجي ماحول ۾ رائج لفظن تي مشتمل لغوي مواد جو شبد _ ڀنڊار گڏ ڪري، انهن ڪي لغات جي صورت ۾ شڪل ڏينداآهن. هن جو هڪ مثال "لغات سنڌي مخففات" ۾ ملي ٿو. محترم مرتب هن لغات ۾ اُهي لفظ بہ شامل ڪيا آهن، جيڪي فقط سندس ماحول ۾ يعني داو ضلعي ۾ (اهو بہ فقط دادوَ جي آسپاس) رائج آهن. مثال طور هيٺ ڪي لفظ ڏجن ٿا جن جي جائزي مان ثابت ٿئي ٿو تہ، هن لغات ۾ انهن لفظن جي شامل ڪرڻ سان، لغات جي حيثيت، هڪ لهجي تائين محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهي لفظ هن لغات جي اهميت کي گهٽائين ٿا، ڇوتہ اهي لفظ سڄيءَ سنڌ جي لغوي خزاني جي نمائندگي نٿا ڪن:

مثال طور:

| اصلوڪو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|
| تاتي | تتي |
| تاتهين | تِتِ |
| تتاهون | تتئون |
| تڏهن | تڏ |
| تيڏانهن | تاڏي |

متئين فهرست ۾"تاتي"، "تاتهين" تتاهون"، "تاڏي"، "تتئون" لفظ فقط هڪ محدود حصي ۾رائج آهن" (١٢)

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41



“تڏ”، “ڪڏ”، ۽ “جڏ ” روپن لاءِ طالب المولىٰ سائين پنهنجي ديوان ۾ واضع فرمائين ٿا.

“ڪڏهين ۽ جڏهين جو مخفف (گهٽايل) ڪڏهن ۽ جڏهين آهي. ڪي ته “ڪڏ” ۽ “جڏ” به لکندا آهن، جي غلط سمجهان ٿو.” (١٣)

۵. علم اللغات ۽ سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي روايت ۽ تاريخ

سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جو فن ته آڳاٽو آهي، پر، سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ڪا ايڏي پراڻي نه آهي. سنڌي لغت نويسيءَ طرف ١٨ صديءَ جي وچ ڌاري ڌيانُ ڏنو ويو. ٽالپر حڪومت جي پڇاڙڪن سالن ۾ ڪن انگريز بيورو ڪريٽن، پنهنجي حڪومتي مقصدن ۽ استحڪام خاطر، سنڌي ٻوليءَ جي اپياس، سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۽ لغتن تيار ڪرڻ طرف توجهه ڪيو ويو. ١٨٣۵ع ۾ جيمس پرنسيپ، “سنڌي ٻوليءَ جو گرامر” ( A Grammar of the scindee language) ۽ ١٨٣٦ع ۾ ڊبليو. ايچ. واٿن “سنڌي ٻوليءَ جو گرامر” ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مختصر ذخيرو” (A Grammar of sindhi language) بمبئي مان ڇپائي پڌرو ڪيو. هن بمبئيءَ ۾ رهندڙ سنڌي واپارين ڪان سنڌي سکي هئي. ١٨٤٣ع ۾ انگريزن، ٽالپرن کي شڪست ڏئي سنڌ تي قبضو ڪيو. ان سال ٻن انگريز فوجي عملدارن: ڪئپٽن ايسٽوِڪ (J.B. Eastwick) ۽ ليفٽيننٽ ليچ (R.Leech) سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا ذخيرا ( Vocabularies) رومن لپيءَ ۾ انگريزي معنىٰ سان ڇپائي پڌرا ڪيا. ڪئپٽن ايسٽوِڪ، سنڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽريءَ دوران پنهنجي روءِ سوءِ سنڌي سکي، ١٨٤٧ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر تيار ڪيو، ۽ گڏوگڏ ، انگريزي _ سنڌي ۽ سنڌي _انگريزي ڊڪشنرين تي ڪم شروع ڪري ڏنائين. هن جو “سنڌي گرامر” ۽ “انگريزي سنڌي لغت” ١٨٤٩ع ۾ ڇپيا. هن لغت ۾١٢٠٠٠ انگريزي لفظن جون سنڌي معنائون ڏنل هيون. ڪئپٽن سٽئڪ، ٻن سنڌي عالمن _ پنڊت برهم سچانند ۽ پنڊت جيشٽ برهم يا جينارام جي مدد سان “سنڌي انگريزي ڊڪشنري” جوڙي، پر ان جي ڇپائيءَ ڪان اڳ وفات ڪري ويو. اها ڊڪشنري، اڳتي هلي بي. ايچ. ايلس بئرو، اسٽنٽ ڪمشنر سنڌ، پنهنجي نگرانيءَ ۾ ١٨۵۵ع ۾ بمبئيءَ مان ڇپائي، جنهن ۾ ٢٠٠٠٠ جي لڳ ڀڳ لفظ هئا. اِن ئي عرصي ۾ هڪ سنڌي عالم آخوند عبدالرحيم عباسيءَ پهرين سنڌي فارسي لغت “**جواهر سنڌي**

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41

**اَڪيچار سنڌي**” تيار ڪئي، جنهن جي تياريءَ جو عرصو ۱۸۴۵ع کان ۱۸۵۱ع جي وچ وارو ڄاڻايو وڃي ٿو.” (۱۴)

علم اللغات، لغت سازي، لغت نويسي، اهڙا اصطلاح آهن، جن کي عام طرح هم معنيٰ سمجهيو ويندو آهي، پر اصل ۾ انهن اصطلاحن ۾ ٿورو فرق آهي، جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. لغت سازيءَ کي انگريزيءَ ۾ Lexicography چيو ويندو آهي، جيڪا لسانيات جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لفظن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ لفظن جي ماهيت، عناصر، معنائون، اچار، ويا ڪرڻي حيثيت ۽ سموري لفظي ذخيري (Vocabulary) کي شامل ڪيو ويندو آهي، انهيءَ ۾ نهنڊڙ لغت جي لفظن جي الف_ب وار ترتيب کي ڌيان ۾ رکندي سهيڙ (Compilation) وغيره ٿيندي آهي.” (۱۵)

مطالعي مان جا معلومات آڌو اچي ٿي، سنڌي لغت نويسيءَ جي ابتدا انگريزن جي دؤر ۾ ٿي. شروع شروع ۾ سنڌيءَ ۾ هڪ ٻوليائي لغتون ڇپيون. جيئن جارج شرٽ جي اکر ڌاتو ( ۱۸٦٦ع) جهمٽ مل نارو مل جي“**وئتپتي ڪوش**” (۱۸۸٦ع ) پيرو مل مهرچند اڏواڻيءَ جي “غريب اللغات” (۱۹۰۷ع) مرزاقليچ بيگ “لغات لطيفي” (۱۹۱۴ع ) ۽ “لغات قديمي” ( ۱۹۲۴ع ) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي “**جامع سنڌي لغات** ” جلد پهريون: (۱۹٦۰ع) عبدالڪريم سنديلي جون“تحقيق لغات سنڌي ” (”۱۹٦۳ع) ۽ “سچل لغات” ( ۱۹۸۴ع) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي“جامع سنڌي لغات جو ٻيو ۽ ٽيون جلد (۱۹۸۱ ۽ ۱۹۸۴ع ) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي “لاڙ جي لغت” (۱۹۷۵ع) عبدالڪريم سنديلي جي “سامي ڌاتو ڪوش” (۱۹۷۸ع ) شاھ جهان قريشيءَ جي “سنڌي علمي لفظن جو ذخيرو” (۱۹٦۵ع) سيد نجف علي شاھ ڪمتر نقويءَ جي “ٻاروچي ٻولي ” (۱۹۸۴ع ) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي “جامع سنڌي لغات ” جو چوٿون جلد ۽ پنجون جلد ( ۱۹۸۵ ۽ ۱۹۸۸ع)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هڪ جلدي “ سنڌي لغت ”( ۱۹۹۸ع)، عبدالستار بلوچ جي“سنڌيڪا لغت” (۲۰۰٦ع) ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جي“**ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت** ” ( ۲۰۰۴ع ) شامل آهن.” (۱٦)

**ٻه ٻوليائي لغتون**:آخوند عبدالرحيم وفا عباسيءَ جي “جواهر اللغات” ، “سنڌي اڪيچار” ( ۱۸۴۵ع ) هي سنڌي ۽ فارسي لغت آهي، ان ڪانسواءِ

ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41



"انگريزي _ سنڌي لغت" ( ۱۸۵۵ع ) پهريون پيرو جارج اسٽئڪ انگريزن جي دؤر ۾ ڇاپيون. ان کان پوءِ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي تائين اهو ڪم ڏيهي عالمنءِ ڪيترين ئي ننڍيون وڏيون سنڌي_انگريزي ۽ انگريزي _ سنڌي لغتون تيار ٿينديون رهيون، جن ۾ پرمانند ميوارام جي "سنڌي_ انگريزي لغت " (۱۹۱۰ع) ۽ انگريزي _ سنڌي لغت (۱۹۳۳ع) آنندرام . ٽي شهاڻيءَ جي(۱۹۲۴ع) انگريزي _ سنڌي لغت (۱۹۴۲ع)، ڊبليو. اي شاهاڻي (۱۹۲۴ع) جون ڊڪشنريون اهميت جوڳيون آهن. انهن مان وري آنندرام ٽي.شاهاڻيءَ جي "سنڌي _ انگريزي لغت" اڄ تائين وري سنڌ ۽ هند ۾ ڇپجندي پئي اچي. پاڪستان جي قيام کان پوءِ، سنڌ ۾ سنڌي، انگريزي _ سنڌي لغتن ۾ ميمڻ عبدالحسين (۵۹ _ ۱۹۵۷ع)، ثناالله شيخ (۱۹٦۷ع)، سيد علي ڏني شاهه (۱۹۸۸ع) عبدالرشيد ميمڻ (۲۰۰٦ع) ۽ پروفيسر محمد صفر سهتي ۽ ٻين جون لغتون اچي وڃن ٿيون.

انگريزي _ سنڌي لغتن کان سواءِ اردو _ سنڌي ۽ سنڌي اردو لغتن جي سلسلي ۾ ابن الياس (۵۱ _۱۹۵۰ع) ۽ عبدالستار بلوچ جون لغتون اهم اهن. عربي _ سنڌي لغتن ۾ وري حاجي محمود خادم (۱۹۷۵ع) پروفيسر غلام حسين جلباڻي (۸۹ _ ۱۹۸۸ع) شامل آهن. جديد دؤر ۾ هڪ ٻوليائي لغت جو مثال"جامع سنڌي لغات" آهي، جيڪا ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تيار ڪرايل آهي، جنهن ۾ سنڌيءِ ۾استعمال ٿيندڙ اسي هزار کن لفظن جون سنڌيءِ ۾ ئي معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل اهن، ان لغت جا اول پنج جلد ۽ هاڻ ٽي جلد ڇپيلا آهن. انهيءَ لغت جي خوبي اها آهي جو ان ۾ لفظن جا ماخذ ۽ ٻه ڏنل آهي، يعني ته ڪو لفظ اصل ۾ ڪهڙي ٻوليءَ جو بنياد رکي ٿو.

اصلوڪي سنڌي آهي يا عربي، فارسي، سنسڪرت يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَمان آيل آهي، ان ڪانسواءِ لفظ جي ويا ڪرڻ يا گرامر واري حيثيت به ڄاڻايل آهي ته آيا اهو لفظ اسم آهي، ضمير آهي يا ڪو فعل آهي، ۽ جي اسم آهي ته مذڪر آهي يا مونث ۽ واحد آهي يا جمع ! اهو ئي طريقو اڪثر انگريزيءَ ۽ ٻين ٻولين جي لغتن ۾ اختيار ڪيل هوندو آهي. انگريزيءَ ۾ ته فعل بابت به ڄاڻ هوندي آهي ته اهو متعدي يا لازمي آهي لغتن جي انهيءَ

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41



قسم ۾ انگريزي _ انگريزي ڊڪشنريون عربي _ عربي لغتون ۽ ٻين ٻولين جون هڪ ٻولپائي ڪيترين ئي لغتون مارڪيٽ ۾ موجود آهن.” (١٧)

سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي لغت نويسيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته: “جيتوڻيڪ سنڌي لغات جو سلسلو هڪ سئو سال اڳ ارڙهينءَ صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو، تنهن هوندي باوجود ڪيترين ئي مخلصانه ڪوشش جي، سواءِ ڪن خاص لفظن تي مخصوص لفظن مخصوص لفظن جي، سنڌي ٻوليءَ سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مکيه لفظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن.” (١٨)

ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:“سنڌ ۾ لغت سازيءَ جو ڪم انگريزن جي دور ۾ ١٩ صديءَ ۾ ١٨٤٩ع کان شروع ٿيو، جيڪو ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ڪيو، سندس پهرين لغت انگريزي _ سنڌي ١٨٤٩ع ۾ ۽ ٻي سنڌي _ انگريزي _ لغت ١٨٥٥ع ۾ ڇپي ، جن ۾ سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هئي (هن ڊڪشنريءَ کي ٢٠١١ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران الٿو ڪري عربي سنڌي لپيءَ ۾ ڇپايو ويو آهي.” (١٩)

**تحقيق جو نتيجو**: مجموعي طور مذڪوره تحقيق مان جيڪو نتيجو اچي ٿو ته، لغتن مان نون پڙهندڙن توڙي عام توڙي خاص ماڻهو فائدو حاصل ڪنداآهن، ڇوته انهن ۾ پڙهندڙن کي ڏکين لفظن جي معنيٰ ملي ويندي آهي. لغتن ۾ نون پراڻن لفظن جو ذخيرو موجود هوندو آهي، ڇوته ٻولي هڪ هنڌ نٽي بيهي، پر وڌندي ويجهندي رهي ٿي تنهنڪري ڪابه ٻولي اگر نون علمن، هنرن، نون ايجادن توڙي اصطلاحن کي پنهنجي عالمن جي معرفت داخل نه ڪندي ته، اها ٻولي مري سگهي ٿي. ٻوليءَ کي هميشه نون خيالن کان روشناس ڪرائجي، ۽ پراڻن ذخيرن کي محفوظ ڪري رکجي. اهو خزانو لغتون ئي محفوظ ڪري سگهن ٿيون، جن ۾ نون پراڻن لفظن جو ذخيرو هوندو آهي. لغتن ۾ روزمره ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ پنهنجي ماضيءَ جا گواهه هونداآهن تنهنڪري هر دور ۾ لغتون لکيون وڃن، ۽ انهن کي ڇپرايو وڃي. ڇاڪاڻ ته،ڪنهن به ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ۽ سمجهندڙ ماڻهن لاءِ وقت به وقت نيون لغتون تيار ڪرائي، نون ويچارن ۽ اصطلاحن ۽ علمي تجربن لاءِ هر دور ۾ وسيع ميدان مهيا ڪري ڏنو وڃي، ته جيئن نون اديبن، استادن ۽ شاگردن

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41
ماخذ تحقیقی مجلہ

ڪي لغتن جي استعمال مان هرقسم جا لفظ، اصطلاح ۽ معنائون ملي سگهن ٿا جيئن، جديد علمن کي حاصل ڪرڻ جا وڌيڪ موقعا ميسر ٿي سگهن.

حوالا


١. فهميده حسين ڊاڪٽر _ ٻولي: مختلف لساني پهلو_ (ڇاپو پهريون) سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ ٢٠١٢ع، ص: ١٢٩
٢. منگي، بشير احمد، پروفيسر _ ٻارن لاءِ تصويري : سنڌي _انگريزي لغت _ (جلد پهريون: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠٩ع ،ص: ١١ءِ ١٧
٣. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ "لغات سنڌي مخففات" (ڇاپو پهريون) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو/ حيدرآباد سنڌ ١٩٩١ع، ص: ٿ
٤. ايضاً، ص: ٩٣
٥. فهميده، حسين، ڊاڪٽر، نوٽ: هي حوالو وڪي پيڊيا دي فري انسائيڪلو پيڊيا تان کنيو آهي. _ سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو_ ص: ١٢٩
٦. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ڊاڪٽر _لغات سنڌي مخففات_ (مقدمو)، ص: ج ۽ ڃ
٧. پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر، _ سنڌي ٻوليءَ جي زيارت_ گانڌي، گجرات اڪادمي، ١٩٨٩ع،؟
٨. ڏسو حوالو (٣)، ص: ڃ
٩. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر_ جامع سنڌي لغات _ سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ١٩٦٠ع، (مهاڳ)
١٠. ڏسو حوالو،(٣) (مقدمو)
١١. پٿي، خالد سيف، مقالو،"انسائيڪلو پيڊيا " هفتيوار "نئين سوچ رسالو" جلد: ٢، شمارو١٩ _٢٠، ١٥ آڪٽوبر، ڪراچي، ١٩٩٠ع، ص: ٢٦
١٢. آڏواڻي، ڀيرومل، _ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ _ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٦ع، ص: ١١٢
١٣. طالب المولىٰ _ديوان طالب المولي _ هالا، ١٩٨٢ع، ص: ١٦ ۽ ١٧سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جا قسم جو حوالو، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-41
ماخذ تحقیقی مجلّہ

_ لغات سنڌي مخففات _ ۾ لکيل "مقدمو" تان کنيو ويو آهي، جيڪو،پ، کان،خ، صفحي تان ورتو ويو آهي.

١٤. جويو، تاج، "سنڌ جو عظيم لغات نويس: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ" تماهي "تخيُل" ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، (خاص نمبر) شمارو(٧_٨) جولاءِ _ ڊسمبر، مارئي اڪيڊمي، قاسم آباد ، حيدرآباد، سنڌ ٢٠١٧ع، ص: ٩٨

١٥. ڏسو حوالو نمبر،(١) ص: ١٢٧

١٦. منگي، بشير احمد، پروفيسر، _ ٻارن لاءِ تصويري: سنڌي _انگريزي لغت _ جلد پهريون: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٩ع، ص: ١١١ ۽ ١٧

١٧. ايضاً، (ناشر پاران). ص: ٥،۴، ٦ رومن انگن ۾

١٨. ڏسو حوالو نمبر، (٩)، (مهاڳ)

١٩. ڏسو حوالو نمبر (١)، ص: ١۴٠